# تفسير بابت سنڌ جي عالمن ۽ اديبن جا رايا

بِاسْمِهٖ تَعَالیٰ

قبلہ سائين ڪپتان غلام حسين ”مشتاق“ سچاروي صاحب مدظله العالي

السلام عليڪم والاشتياق اليڪم ورحمة الله وبرڪاته

اميد تہ بفضل تعالیٰ خوش هوندؤ. حاصل المرام علي الارتقام! سائين منهنجا! الله تبارڪ و تعالیٰ اوهان صاحبن کي ڪامل و مڪمل صحتيابي عطا فرمائي ۽ پنهنجي محبوب ڪريم خَاتَمُ النَّبِيِّينَ صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي صدقي هن عظيم ڪم کي پايہء تڪميل تي پهچائڻ جي ڪامل سگهہ عطا فرمائي. (آمين ثم آمين)

## مختصر تبصرو شرح البيان في فهم القرآن (جلد3)

قرآن ڪريم توڙي احاديث مبارڪہ، علماءِ و فقهاءِ ۽ صوفي حضرات جي تعليمات مان اسان کي بخوبي ڄاڻ ملي ٿي تہ ”قرآن بينيءَ“ سان گڏوگڏ هر مسلمان کي ”قرآن فهمي“ بہ ضروري آهي. جڏهن بہ الله تبارڪ وتعالیٰ جي پاڪ ڪلام کي پڙهيو وڃي ۽ ان جي تلاوت ڪئي وڃي تہ ان تي محض طائرانہ نظر نہ ڦيرائي وڃي، پر انهيءَ جو چڱيءَ طرح مطالعو ڪري، ان جي الفاظن کي پليءَ پٽ سمجهيو ۽ پرکيو وڃي ۽ خدائي هدايتن کي پڙهڻ کان پوءِ ان تي باقاعده عمل پيرا هئڻ بہ مسلمانن جي فريضہ دينيہ ۾ شامل آهي. قرآن ڪريم مسلمانن جي لاءِ هڪ آئين، اسلامي طور طريقن، رسمن و رواج ۽ خدائي اعمال اختيار ڪرڻ جو هڪ حڪمنامو آهي. ان جو منڪر ڪُفر جي زُمري ۾ اچي ٿو. انهيءَ ڪري هر مسلمان جو اهو اسلامي فريضو بڻجي ٿو. جيئن اچي ٿو تہ: ”مَنْ عَرَّفَہٗ فَقَدْ عَرَّفَ اللهَ“ جنهن قرآن ڪريم کي سمجهيو ۽ سڃاتو، ان گوياڪِ الله تبارڪ وتعالیٰ کي سڃاڻي ورتو. قرآن مجيد جا فضائل ڪوڙ آهن، مگر ڪو انهن کي پرکڻ ۽ پروڙڻ جي ڪوشش بہ ڪري.

زير نظر ڪتاب ”شرح البيان في فهم القرآن“ (جلد3) اسان جي سامهون آهي، جيڪو مرد مجاهد سائين ڪپتان غلام حسين ”مشتاق“ سچاروي صاحب جن جي عرق ريزي ۽ محنت جو نتيجو آهي. هي جلد قرآن پاڪ جي نون (9) سورتن يعني سورة يونس کان سورة الڪهف جي تشريح ۽ تفهيم تي مشتمل آهي. ماشاءَ الله سائين غلام حسين ”مشتاق“ سچارويءَ کي الله تبارڪ وتعالیٰ اجر عظيم عطا فرمائي، جو هيءُ حصو بہ حسبِ سابقہ واري ترتيب سان لکيو اٿن، جڏهن ڏهن تفسيرن جي ترجمن جيترو مرتبو رکي ٿو. سندن سچائي ۽ قرآن ڪريم سان چاهہ ۽ لگن جو

اندازو ان ڳالھ مان لڳائي سگهجي ٿو جو ٻئي جلد جو ڪم جون 2022ع ۾ مڪمل ڪيو هيائون ۽ ٽئين جلد جو ترجمو، تشريح و تفهيم وارو ڪم بيماري، ضعيفي ۽ وڏي ڄمار واري حالت ۾ 19 جنوري 2023ع تي مڪمل فرمايو. ان ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي سچائي ٿي سگهندي؟ يعني ستن مهينن ۾ 9 سورتون (سورة يونس ڪان سورة الڪهف تائين) لڳ ڀڳ پوڻا ست سؤ صفحا لکيائون، ايتري عظيم ڪم جو اڪلاءُ ڪرڻ ڪنهن عام ماڻهوءَ جو ڪم ناهي. اهو سڀ ڪجھ انسانَ کي عشق ئي ڪرائي ٿو.

*ايں سعادت بزورِ بازوئے نيست*

بس اها سگھ ۽ همت الله تبارڪ وتعالىٰ سچارويءَ صاحب کي عطا فرمائي آهي، جو پيرسالي، ضعيف العمري ۽ علالت جي حالت ۾ الله رب العزت جي پاڪ ڪلام جي خدمت ۾ محض آخرت ۽ دين جي ڀلائي حاصل ڪرڻ خاطر پنهنجي زندگي ارپي ڇڏي آهي. يقينًا الله جا نيڪ ۽ برگزيده ٻانها ئي اهڙو عمدو ڪم ڪري سگهن ٿا. الله جل جلاله جون مٿن ڪروڙين برڪتون ۽ رحمتون هجن. آمين ثم آمين بجاه حبيبه الامين المڪين.

سچاروي صاحب تفسيري اصول کي برقرار رکندي، هر سورة جي اهميت ۽ افاديت کي به مدنظر رکيو آهي ۽ ان جي جدا جدا اهميت بيان ڪئي آهي، بلڪ انهن جو پاڻ ۾ ربط ۽ نظم پڻ جتايو آهي. انهيءَ مان غالبًا سندن اها مراد مقصود هجي ته جيئن هڪ عام قاري به ان کي آسانيءَ سان سمجهي سگهي. اهڙي نموني حروف مقطعات مان اڪثر علماءِ مفسرين ڪرام بغير ڪا مراد ڪڍڻ جي ”والله اعلم“ لکيو آهي، مگر ڪن ٿورڙن عالمن ۽ مفسرن انهن تي روشني وڌي آهي. مثال طور سچاروي صاحب سورة الرعد جي ”الٓمّٓرٰ“ بابت لکي ٿو ته قطب الاقطاب حضرت مخدوم نوح سرور ؒ جي فارسي ترجمي ”منم خدائي ڪه مي بينم ومي دانم، اين آيات آيات قرآن است“ مان الله ئي آهيان، ڏسان ٿو ۽ ڄاڻان ٿو ته هي آيتون آيات قرآني آهن.

بهرحال سچاروي صاحب جن هيءُ تفسير لکي، مسلمانن تي وڏو ۽ گرانقدر احسان ڪيو آهي. مسلمانن کي گهرجي ته هيءُ تفسير نه رڳو پاڻ پڙهن، پر پنهنجي ٻارڙن کي به پڙهڻ جي تلقين ڪن. آسان ۽ سليس زبان ۾ لکيل هيءُ نادر نسخو اميد ته سيني مسلمانن لاءِ لاڀائتو ٿيندو. الله تبارڪ و تعالىٰ کان دعا آهي ته مالڪ الملڪ پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جن جي صدقي سائين سچاروي صاحب جن کي سلامتي عطا فرمائي. آمين يا رب العالمين بجاه حبيبه الامين ﷺ.

احقر العباد و خاڪپاءِ علماءِ ڪرام

**حافظ حبيب سنڌي**

چوهڙ جمالي (ضلع سجاول)

بِاسْمِهٖ تَعَالیٰ

جناب سائين غلام حسين سچاروي صاحب دامت برڪاته العاليه

السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته

اوهان صاحبن جو وڏي محنت ۽ مشقت سان لکيل قرآن ڪريم جو ترجمو ۽ تفسير **’شرح البيان في فهم القرآن‘** (ٽيون جلد) منهنجي هٿن ۾ آهي، جيڪو پڻ اڳين ٻن جلدن جيان شاهڪار آهي. اوهان تمام وڏي محنت ۽ مشقت سان هن بيماري ۽ ضعيف العمريءَ جي باوجود ٻه هڪ اعلیٰ پائي جو ڪم ڪيو آهي، جنهن لاءِ توهان ڪيرون لهڻو. الله تعالیٰ اوهان کي سگهه ۽ سلامتي عطا فرمائي. (آمين ثم آمين)

اوهان جي علم دوستيءَ جو ثبوت اهو آهي، جو اوهان ”آداب رسول ﷺ“، ”معراج النبيﷺ“، ”آب ڪوثر“، ”جام ڪوثر شرح قصيده برده شريف“، ”روائح ريحاني شرح لوائح جامي“ ۽ ٻيا ڪوڙ سارا ديني، ادبي ۽ علمي شاهڪار پنهنجي خرچ تي شايع ڪرائي، سنڌي عوام جي علم اجهائي آهي. يقيناً اوهان جو اهو پورهيو الله تعالیٰ وٽ قبول ٿيو هوندو. ان ڪان وڌيڪ مون کي ڏاڍي خوشي تي آهي جو اوهان پنهنجي عمر جي آخري ڏينهن ۾ هي عظيم ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي، جيڪو اسان جي اڳيان قرآن بيني ۽ قرآن فهميءَ جي صورت ۾ موجود آهي. اميد ته توهان جي اها ڪاوش مسلمان قوم لاءِ مشعل راهه ثابت ٿئي ۽ اسان جهڙا ڪم علم ان مان لاڀ حاصل ڪندا رهن.

**قاضي غلام علي**

ولد

**مرحوم قاضي علي محمد ٺٽوي**

(پالڪي نشين - ٺٽو)

●●●

## بِاسْمِهٖ تَعَالیٰ

ڪتاب الله مخلوق جي لاءِ هدايت جو سڀ کان وڏو ذريعو آهي. قرآن ڪريم عربي زبان ۾ آهي. جڏهن کان اسلام عربي ماحول کان ڦهلجي عجمن تائين پهتو ته ان وقت کان اڄ تائين قرآن حڪيم جي موعظت ۽ احڪامن کي عجمي ٻولين ۾ منتقل ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي. اسان جي سنڌي ٻولي پڻ ان ۾ اڳ ڀري آهي. ان سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي حضرت استاذ محترم، نامور شاعر، ڪيترن اهم ڪتابن جي مصنف، عظيم محقق، مفسرِ قرآن سائين ڪپتان غلام حسين ”مشتاق“ سچاروي صاحب جي عظيم ۽ ضخيم تفسير **’شرح البيان في فهم القرآن‘** آهي. حضرت سائين جن انتهائي ضعيفي ۽ پيرساليءَ کي شڪست فاش ڏيندي، عزم و همت جو مينار بڻجي، حوصلن ۾ ڪوهه استقامت جا مثال قائم ڪندي، هڪ بهترين، سولو، آسان انداز جو سنڌي زبان ۾ تفسير لکي، اعلیٰ مدارج تي چڙهي چڪا آهن. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته حضرت استاذ محترم کان الله تعالیٰ ئي اها عظيم خدمت سرانجام ڏياري آهي. الله تعالیٰ کان دعا آهي ته جيئن رب العزت هن تفسير کي پذيرائي ڏني آهي، اهڙيءَ طرح سائينءَ جن کي صحت ڪامله عطا فرمائي. آمين ثم آمين بجاه سيد المرسلين خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم.

هن تفسير بابت مون هڪ مختصر منظوم تبصرو لکيو آهي، جيڪو پيش خدمت آهي:

① واهه جو بهترين شرح البيان تفسير آ
منهنجي ديرينہ هڪ خواب جي تعبير آ

② انداز آ نرالو ۽ اسلوب آ صاف سولو
مستند باحوالا هن ڪتاب جي تحرير آ

③ عام ذهني سطح جي مطابق آ لکيل
خوشنمائي ۾ جيئن گلاب جي تصوير آ

④ پُرڪشش طرز ۾ قرآن فهمي جو هي سامان آ
مسلمانن جي تقدير مَٽڻ جي تدبير آ

⑤ درسُ قرآن جو، جيڪو پرائي نٿو سگهي
اهڙي انسان جي لاءِ نسخهِ اڪسير آ

**حافظ محمد بلال انيڙ**

استاد جامعه عربيه رياض العلوم

حيدرآباد، سنڌ